هفتيوار رسالو

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ملفوظات جو تحريري گلدستو



# الله پاڪ
# جي باري ۾ 28 سوال جواب

(سنڌي)

"الله بابا اچي ويندو" چوڻ ڪيئن؟

"الله پاڪ مٿي آهي" چوڻ ڪيئن؟

"الله پاڪ کي حاضر و ناظر" چوڻ ڪيئن؟

الله پاڪ کي "سخي" چوڻ ڪيئن؟

ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **الله پاڪ جي باري ۾ 28 سوال ۽ جواب**


ڇاپو پهريون: جمادی الآخر 1446ھ ، دسمبر 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# اللّٰه پاڪ جي باري ۾ 28 سوال ۽ جواب

## پيشڪش

## المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


## رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط

# الله پاڪ جي باري ۾ 28 سوال ۽ جواب

**اميرِ اهلِ سنت جي خليفي جي دعا:** ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ هي رسالو" الله پاڪ جي باري ۾ 28 سوال ۽ جواب " مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي محبت عطا فرماءِ ۽ ان جي ماءُ، پيءُ ۽ اولاد سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي ۽ ان جي اعمال نامي ۾ ڏهہ نيڪيون لکندو آهي.“ (ترمذي،2/27 ، حديث:484 )

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

سوال: اَڄ ڪلهہ گهڻن گهرن ۾ ٻارن کي تربيت ڏيڻ وارا ”الله“ جو اشارو آسمان ڏانهن آڱر کڻي سيکاريندا آهن ، هي طريقو ڪيتري قدر صحيح آهي؟

جواب: هي طريقو بلڪل غلط آهي. اهڙي تربيت سان انهن ٻارن جي ذهن ۾ اهو عقيدو ويهي رهندو تہ ”الله پاڪ مٿي آهي يا مٿي

ان جو گهر آهي جنهن ۾ هو رهي ٿو اهي ٻئي ڳالهيون ڪفر آهن.“ الله پاڪ هر قسم جي جهت (يعني طرف) ۽ جڳهه کان بہ پاڪ آهي. آسمان جي طرف اشارو ڪرڻ جي بدران، انهن کي هٿن سان لفظ ”الله“ ٺاهڻ سيکارڻ گهرجي. هي طريقو تمام آسان آهي.

ساڄي هٿ جون آڱريون ٿوريون ڪليل رکو ۽ آڱوٺي جو مٿو ٿورو مٿي وڏائي شهادت جي آڱر جي پاسي جي وچ سان لڳايو. هاڻي ساڄي هٿيلي جي پٺ جي طرف ڏسو تہ لفظ ”الله“ جي شڪل محسوس ٿيندي. اهڙي طرح ڪري کابي هٿ جي تريءَ کي ڏسڻ سان ”الله“ لکيل نظر ايندو.

## فلمون ڪفريہ ڳالهيون سکڻ جو ذريعو آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ لاءِ جڳهه ۽ طرف ثابت ڪرڻ وارا جملا ماڻهن ۾ ڪافي عام ٿيندا پيا وڃن، جيئن ”مٿي وارو“ چوڻ تہ تمام گهڻو عام آهي. جيڪو گهڻو ڪري ماڻهن فلمن ۽ ڊرامن مان سکيو آهي. چو تہ هر مسلمان ڪفريہ ڳالهين جي سڃاڻپ ناهي ڪري سگهندو، جنهن جي ڪري نہ ڄاڻ ڪيترائي ماڻهو روزانو اهي غلطيون ڪندا آهن. جن ماڻهن کان زندگيءَ ۾ ڪڏهن هڪ دفعو بہ هي جملو نڪري ويو هجي تہ انهن کي گهرجي تہ فوراً توبہ ڪن ۽ نئين سر ڪلمو پڙهن ۽ جيڪڏهن شادي شده آهن تہ نڪاح بہ وري نئين سر ڪن. ڪاش! مسلمان پنهنجي آخرت بابت فڪر ڪن، بُري خاتمي جو ڊپ پنهنجي اندر پيدا ڪن، فلمون، ڊراما ۽ گانا باجا ٻڌڻ ڇڏي ڏين، دين جي ضروريات جو علم حاصل ڪن. افسوس! موت هر وقت مٿي تي سوار آهي! موت بيمارين، ڌماڪن،

هُلڙبازين، ٻوڏن، طوفاني برساتن، زلزلن، باهه لڳڻ ۽ تيز رفتار گاڏين جي حادثن ذريعي چڱن ڀلن ڀيرو نوجوانن کي به اوچتو کنيي کڻي وڃي ويندو آهي ۽ سيئي مستيون ۽ فنڪاريون مٽيءَ ۾ ملي وينديون آهن.

جل گئے پروانے شمعیں پانی پانی ہو گئیں     میرا تیرا ذِکر ہو کر انجمن میں رہ گیا

(ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 99،98/1)

سوال: جيڪڏهن ٻار پڇن ته ”الله ڪٿي آهي؟“ ته انهن کي ڇا جواب ڏنو وڃي، ۽ ان موقعي تي ڪهڙيون احتياطون ضروري آهن؟

جواب: هي سوال واقعي تمام نازڪ آهي. عام طور تي اهڙي سوال تي ماڻهو مٿي هٿ کڻي چوندا آهن ته ”الله مٿي آهي“، جيڪو بلڪل غلط جملو آهي، ڇوته الله پاڪ ڪنهن به جاءِ ۾ هجڻ کان پاڪ آهي. مسجدن کي ”الله جو گهر“ سڏيو ويندو آهي، ۽ خانه ڪعبه کي به ”بيتُ الله“ يعني ”الله جو گهر“ سڏيو ويندو آهي، پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته الله اُتي رهندو آهي.

جيڪڏهن ٻار پڇي ته الله ڪٿي آهي؟ ته انهن کي جواب ڏنو وڃي: الله موجود آهي، پر هُو اسان کي نظر ناهي ايندو يا اهڙي طرح جو ڪو ٻيو جواب ڏنو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ٻار اهڙا سوال ڪندا آهن، جن کي سمجهائڻ ڏکيو تي پوندو آهي. مثال طور: اسان به ننڍپڻ ۾ ٻڌندا هئاسين ته گاريون نه ڏيو! ڪوڙ نه ڳالهايو! نه ته الله سون جي لٺ سان ماريندو . اهڙي قسم جون غلط ڳالهيون عام آهن.

ٻارن کي مطمئن ڪرڻ مشڪل هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ اڃا اها سمجهه ناهي هوندي جو اهي ڳالهيون سمجهي سگهن. اڪثر

ماڻھو اھڙن سوالن تي ٻارن کي ڊڙڪا ڏيندا آھن ۽ چوندا آھن. ”چپ ڪيو! توھان کي ڪاٻ سمجھ ناھي.“ اھڙي طريقي سان ٻارن کي ڊڙڪا نہ ڏيڻ گھرجن. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 118/2)

سوال: ٻارن کي الله پاڪ بابت ڇا ٻڌائڻ گھرجي؟

جواب: الله، ”پاڪ“ آھي. الله ”ھڪ“ آھي. اسان کي سڀ ڪجھ الله پاڪ ئي ڏئي ٿو. الله پاڪ اسان کي نظر ناھي ايندو. جيڪڏھن ٻارن کي ھي نہ ٻڌايو ويو تہ اھي سوال ڪندا: ”الله پاڪ ڪھڙو آھي؟ ڪيترو وڏو آھي؟“وغيره. ٻارن کي انھن جي نفسيات مطابق سمجھائڻ ضروري آھي، جھڙوڪ: ”الله پاڪ اسان کي ڏسي رھيو آھي، پر اسان ان کي نہ ٿا ڏسي سگھون“.

حضرت سَھل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ کي سندن مامي ٽن سالن جي عمر ۾ تربيت ڏني ھئي ”جڏھن تون بستري تي سمھين، تہ ٽي پيرا زبان کي چورڻ کان سواءِ دل ئي دل ۾ ھي جملا پڙھ: اَللهُ مَعِیَ، اَللهُ نَاظِرٌ اِلَیَّ، اَللهُ شَاهِدِیْ (يعني: الله پاڪ مون سان گڏ آھي، الله پاڪ مون کي ڏسي رھيو آھي، الله پاڪ منھنجو گواھ آھي). وري ڪجھ عرصي کان پوءِ چيائين: ”ھاڻي اھو ست پيرا پڙھ.“ ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ چيائين: ”ھاڻي ھر رات يارنھن پيرا “ ھي پڙھندا رھو.

حضرت سھل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ ان عمل کي جاري رکيو ۽ بعد ۾ جڏھن حضرت سھل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ جوان ٿيو تہ پوءِ ھڪ وڏو ولي الله ٻڻجي اُڀريو. پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِ اولياءِ صديقين مان ھڪ وڏي ھستي ھئا. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 185/7)

سوال: ڪافي مائرون وغيره ٻارن کي هن طرح ڊيڄارينديون آهن تہ "الله بابا اچي ويندو"، ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: ماڻهو "الله بابا" غالبًا فقير کي چوندا آهن، ۽ انهن جو مقصد الله پاڪ جي ذات ناهي هوندي، هونئن بہ هن طرح ٻارن کي ڊيڄارڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ان سان ٻار ڊڄڻا ٿي ويندا. (ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 84/8)

سوال: جيڪڏهن الله پاڪ ڏسي رهيو آهي، تہ پوءِ فرشتن کي ڇو مقرر ڪيو ويو آهي؟

جواب: ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ الله پاڪ ڏسي رهيو آهي. هي قرآن پاڪ مان ثابت آهي. اسان جي ايمان جو حصو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص جو هي خيال هجي تہ الله پاڪ نہ ٿو ڏسي تہ اهو مسلمان نہ رهيو. فرشتن کي مقرر ڪرڻ الله پاڪ جي مشيت ( مرضي) آهي، جو نظام ائين هلي پيو، الله پاڪ فرشتن جو هرگز محتاج نہ آهي. فرشتن جو لکڻ هي بہ هڪ امتحان آهي، جنهن جي ذريعي ايمان پختو ٿيندو آهي ۽ ڪيترن ماڻهن جو ايمان برباد بہ ٿيندو آهي تہ هر معاملي ۾ امتحانً ٿيندا آهن.

## الله پاڪ کي هميشہ کان خبر آهي

جيڪڏهن فرشتا عمل نہ بہ لکن، تڏهن بہ الله پاڪ کي سڀ ڪجهہ خبر آهي .فرشتا تہ تڏهن لکندا جڏهن اُنهن کي خبر پوندي تہ هي عمل ٿيو آهي پر الله پاڪ کي تہ هميشہ کان خبر آهي تہ ڪير ڇا عمل ڪندو، اربين ڪربين ماڻهن جو ۽ تمام معاملن جي هر پل پلڪ گهڙي جي ڪروڙين حصي جو بہ ٻلڪ مون وٽ چوڻ لاءِ لفظ نہ آهن، پر منهنجي رب کي اهو سڀ ڪجهہ معلوم آهي، ٿوري دير

ڪان پوءِ منهنجو چا ٿيندو، منهنجي ذهن ۾ ڪهڙي ڳالهه ايندي، مون کي چا ڳالهائڻو آهي. مون ڪان پهريان، فرشتن ڪان پهريان، الله پاڪ کي ان جي خبر آهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 509/1)

سوال: الله پاڪ جي ذات بابت اهڙا وسوسا پهريان نہ ايندا هُئا پر هاڻي اهڙي سوچ بڻجندي پئي وڃي تہ عام طور ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟

جواب: الله پاڪ جي ذات جي متعلق وسوسا اچڻ جو سبب دين جي علم جي گهٽتائي ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جو نہ هجڻ آهي. سوشل ميڊيا جو ڪردار بہ ٿي سگهي ٿو، جو اهڙي سوچ رکڻ وارن ملحدن ۽ منڪرن جون تحريرون پڙهڻ، انهن جون تقريرون ۽ ڪلپ ٻڌڻ ڏسڻ سان بہ ذهن خراب ٿيندو هوندو، سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ وارا صرف دعوتِ اسلامي جي سوشل ميڊيا کي جوائن ڪن، ۽ ان جي Video Clipes ۽ تحريرن مان فائدو وٺن الله پاڪ جي ڪرم سان اهڙا وسوسا ذهن ۾ نہ ايندا.[1]

سوال: ڪنهن بستِيءَ کي ”خدا جي بستِي“ چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب : ڪو بہ حرج ناهي چوتہ هر شيءِ الله پاڪ جي آهي، جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي.

لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الْاَرْضِ (پ 3، البقرة: 284)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ زمين ۾ آهي سڀ الله جو ئي آهي.

---

1...سوشل میڈیا کے ایڈریس: FACEBOOK TWITTER INSTAGRAM YOUTUBE TIKTOK

جيئن مسجد کي" بيتُ الله "سڏيو ويندو آهي، ائين ئي بستِي بہ حقيقت ۾ الله پاڪ جي آهي. بلکه سيئي بستيون الله پاڪ جون ئي آهن. جيڪڏهن ڪنهن بستِي کي ”خدا جي بستِي“ سڏيو وڃي، تہ ان ۾ ڪوبہ حرج ناهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 26/8)

سوال: ” الله پاڪ بي پرواھ بادشاھ آهي“ ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب : شرعي طور تي ان ۾ ڪو بہ حرج ناهي، ڇو تہ جڏهن لفظ ”بي پرواھ“ الله پاڪ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، تہ ان جي معنيٰ اها ٿيندي: ان کي ڪنهن جي حاجت ناهي، نہ هو ڪنهن کان ڊڄي ٿو، نہ ان کي ڪنهن جي ضرورت آهي. هو بي پرواھ بادشاھ آهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 44/8)

سوال: ”الله پاڪ مٿي آهي“ چا اهو چئي سگهجي ٿو؟

جواب : الله پاڪ جڳهہ کان پاڪ آهي، ان ڪري اسان اهو نٿا چئي سگهون تہ الله پاڪ مٿي آهي يا هيٺ آهي يا ساڄي يا کابي طرف آهي. (بہار شریعت،1/19 ، حصہ 1 :ماخوذاً) ڪجهہ ماڻهو چوندا آهن تہ الله پاڪ آسمان تي رهي ٿو ۽ ڪو چوندو آهي تہ عرش تي رهي ٿو، جڏهن تہ الله پاڪ لاءِ ڪابہ جاءِ يعني رهڻ يا ترسڻ جي جڳهہ هجي اهڙي ڪا بہ ڳالھ نہ آهي الله پاڪ جو ڪو بدن ناهي ۽ هو جسم ۽ جسمانيت کان پاڪ آهي. (در مختار، 2/358 ماخوذاً) هي چوڻ تہ الله مٿي آهي ان کي عالمن ڪفر لکيو آهي. (بحرالرائق،5/203) الله پاڪ جي ذات جي مُتعلق اهڙي طرح جي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينه جي ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب“ جو

مطالعو ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! توهان جو ايمان تازو ٿيندو ۽ توهان کي سوين بلڪ هزارن ئي اهڙن ڪفريہ جملن جي خبر پئجي ويندي جيڪي اڄڪلهہ ماڻهن ۾ عام آهن. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 119/2)

سوال: جيڪڏهن بي خبريءَ ۾ الله پاڪ جي باري ۾ غلط لفظ نڪري وڃن تہ ڇا ايمان ضايع ٿي ويندو آهي؟

جواب: لاشعوري طور تي نڪرڻ جا ڪيترائي معنيٰ ٿي سگهن ٿا، هتي معنيٰ واضح ناهي. جيڪڏهن چوڻ ڪجهہ چاهيو ۽ زبان جي تيزي سان منهن مان بي اختيار ڪفر جو لفظ نڪري ويو، پر هاڻي هو ان تي ضد ڪري ٿو تہ مون صحيح چيو آهي ان تي ڪفر جو حڪم لڳندو تہ هو ان کي باقي رکڻ چاهي ٿو. ان جو مثال ڏينديءَ بہ نَعُوْذُ بِاللّٰہ ڊپ لڳي ٿو، بهرحال جيڪڏهن مسلمان جي زبان مان نہ چاهيندي الله پاڪ جي باري ۾ ڪو توهين وارو لفظ نڪري وڃي تہ هيءُ فوراً استغفر الله، توبہ، توبہ، نہ نہ وغيره چوندو، انڪري رجوع ڪرڻ جي صورت ۾ ان تي ڪو حڪم نہ لڳندو. (رد المحتار، 353/6 ملخصاً۔ بہار شريعت، 456/2، حصہ: 9) (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 169/7)

سوال: الله پاڪ کي سِتم (يعني ظلم) ڪندڙ چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: الله پاڪ کي سِتم ڪندڙ چوڻ واضح ڪفر آهي ۽ ائين چوڻ وارو ڪافر ٿي ويندو. (فتاویٰ امجديہ، 4/432)

سِتم جي معنيٰ ظلم آهي، جڏهن تہ الله پاڪ ظلم ناهي ڪندو ۽ هُو ظلم کان پاڪ آهي. ”کفریہ کلمات کے بارے میں سُوال جواب“ نالي ڪتاب پڙهو جو ان اهڙن ڪيترن ئي ڪفريہ جملن جا مثال ڏنا ويا آهن ۽ هي بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪهڙا اهي جملا آهن جن جي چوڻ سان انسان

اسلام مان نڪري ويندو آهي ۽ ان جو نڪاح ٽُٽي ويندو آهي. ياد رکو! ڪفريه جملن جي باري ۾ علم حاصل ڪرڻ فرض آهي.

(رد المحتار، 107/1)

اڄ ڪلهه ڪيترن ماڻهن کي ڪفريه جملن جي باري ۾ علم ناهي هوندو، جنهن جي ڪري اهي ڪفريه ڪلمات ڳالهائيندا رهندا آهن، جيڪي نتا ڳالهائن اُهي ٻڌي"ها "۾ "ها "ملائيندا آهن. جيڪڏهن ڪو سامهون وارو واضح ڪفر ڳالهائي رهيو هجي ته ان صورت ۾ جيڪڏهن ٻڌڻ وارو سمجهي ڪري ها ۾ ها ملائيندو ته اهو به ڪافر ٿي ويندو. ( ڪفريه ڪلمات کے بارے میں سُوال جواب،ص71)(ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 290/2)

سوال: الله پاڪ جي باري ۾ هڪ مسلمان جو جيڪو عقيدو هجڻ گهرجي ان جي معلومات نه هجڻ جي ڪري ڪنهن هي جملو: (منهنجي قسمت ۾ شايد الله پاڪ کان ڪجهه لکڻ ئي وسري ويو آهي) چيو هجي ته پوءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه، الله پاڪ ويسر کان پاڪ آهي، هو ڪڏهن به وساريندو ناهي.[1] جيڪو جملو چيو ويو آهي ان ۾ هڪ ضرورتِ ديني جو انڪار آهي، جيڪو ڪفر آهي. (بہارِ شریعت،1/173،حصو1:، ماخوذاً)

جيڪڏهن ڪو ڪنهن ملڪ جي قانون جي خلاف ورزي ڪري ۽ جڏهن ان کي پڪڙيو وڃي ته اهو چئي "مون کي ان قانون جي خبر نه هئي"، ته ڇا ان جو اهو عذر قبول ڪيو ويندو يا ان کي سزا

---

[1] جيئن ته قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو ﴿وَ مَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا﴾(پ 16،مریم:64) ترجمو ڪنزالايمان : ۽ حضور جو رب وساريندڙ ناهي.

ملندي؟ ظاهر آهي اُن کي سزا ملندي چو تہ اهو ملڪ جو قانون آهي، (جيئن هر ملڪ جا قانون هوندا آهن اهڙيءَ طرح اسلام جا بہ قانون آهن ۽ اسلامي قانون آهي تہ ڪنهن بہ ديني ضرورت جو انڪار ڪرڻ وارو شخص مسلمان ناهي رهندو) هن جملي ۾ تہ اللہ پاڪ لاءِ وسارڻ کي يقيني طور تي چيو ويو آهي، جيڪو صريح يعني واضح ڪفر آهي، جيڪو شخص بہ اهڙو جملو ڳالهائيندو، اهو اسلام مان نڪري ويندو ۽ ان جو نڪاح بہ ٽٽي ويندو. (خلاصۃ الفتاویٰ، 384/4۔ بہار شریعت، 461/2، حصہ:9) (ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 288/3) اسلامي عقيدن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ فرض آهي، تہ جيئن ماڻهو اهڙن ڪفريہ ڪلمات کان محفوظ رهي ۽ پنهنجو ايمان سلامت رکي سگهي .

سوال: ڪڏهن ڪڏهن گنهگار ماڻهو بہ حج جي سعادت حاصل ڪري وٺندا آهن .جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪنهن شخص جي باري ۾ چئي تہ ”هي تہ هڪ وقت جي نماز ناهي پڙهندو، وڏو گنهگار آهي، هن کي حج جي توفيق ملي وئي. ڏسو! اللہ ڪهڙن ڪهڙن کي گهرائي ٿو، اسان تہ نمازون بہ پڙهون ٿا، پر اللہ اسان کي نہ ٿو گهرائي.“ ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: جيڪڏهن اها ڳالهہ هن معنيٰ ۾ چئي ٿو تہ”اللہ پاڪ گنهگارن تي بہ مهربان آهي ۽ انهن کي بہ پنهنجي گهر گهرائي ٿو، جڏهن تہ ڪڏهن نيڪن کي بہ ناهي گهرائيندو هيءَ سندس مرضي ۽ بي نيازي آهي“، تہ ائين چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

پر جيڪڏهن معاذ اللہ! اعتراض ڪري ٿو تہ ”اللہ پاڪ انهن کي چو ٿو گهرائي؟ ان کي گهرجي تہ نيڪن کي گهرائي“ تہ اهڙو شخص

ڪافر ٿي ويندو.

(ڪفريہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 141۔فتاویٰ رضویہ،293/29، 296)(ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 417/3)

**سوال: ”الله وارث“ چوڻ ڪيئن آهي؟**

**جواب: ”الله وارث“ چوڻ بلڪل صحيح آهي، چو تہ الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو ”وارث“ بہ آهي.** (ابن ماجہ، 279/4، حدیث: 3861) (ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 73/4)

**سوال: جيڪڏهن ڪنهن سان ڪو واقعو پيش اچي ۽ هو چئي: ”الله پاڪ مون تي ظلم ڪيو“ تہ ائين چوڻ ڪيئن آهي؟**

**جواب:** اَسْتَغْفِرُالله! **اهڙي ڳالهہ چوڻ ڪفر آهي. الله پاڪ کي ظالم چوڻ وارو مسلمان نہ رهندو.** (فتاویٰ امجدیہ،4/432 )

**جيڪڏهن (نعوذبالله) ڪنهن ائين چيو آهي، تہ ان کان فوراً توبهہ ڪري، ڪلمو پڙهي نئين سِر مسلمان ٿئي ۽ جيڪڏهن شادي شده هجي، تہ نئين سِر نڪاح بہ ڪري.** (فتاویٰ امجدیہ، 432/4) **جيڪڏهن اهو ڪنهن جو مريد هجي، تہ هاڻي ڪنهن جامع شرائط پير وٽ ٻيهر مريد ٿي سگهي ٿو.** (ڪفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص 524، 525) **الله پاڪ اسان سڀني جو ايمان سلامت رکي.** (ملفوظاتِ امیر اہل سنّت، 304/4)

**سوال: پاڻ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ماڻهن کي هِيئن چوندي ٻڌو آهي: ”الله کي حاضر ۽ ناظر ڄاڻي ڪري چوان ٿو“. ائين چوڻ ڪيئن آهي؟**

**جواب: عالمن سڳورن الله پاڪ لاءِ ”حاضر ۽ ناظر“ جو لفظ استعمال ڪرڻ کان منع فرمايو آهي.** (بہار شریعت، 932/2، حصہ: 12)

حاضر و ناظر جي بدران الله پاڪ لاءِ ”سميع و بصير“ جو لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي. (ڪفريه ڪلمات کے بارے ميں سوال جواب، ص 571) اهڙي طرح قسم کڻايو ويندو آهي، ان ۾ به الله پاڪ لاءِ ”حاضر ۽ ناظر“ جا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن، جيڪي شرعاً منع ۽ غلط آهن. قسم کڻڻ وقت هي لفظ چيا وڃن. ”مان الله پاڪ کي سميع ۽ بصير ڄاڻيندي چئي رهيو آهيان“.

(فتاویٰ رضويه،641،688،689،640/14)(ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 351/5)

سوال: ماڻهو چوندا آهن ته جڏهن الله پاڪ کي دنيا ۾ نٿا ڏسي سگهون ته قيامت ۾ ڪيئن ڏسنداسين؟

جواب: جنت کي به ته اسان دنيا ۾ ناهي ڏٺو ۽ ان کان علاوه به اسان گهڻو ڪجهه ناهي ڏٺو، پر اسان ايمان رکندا آهيون ته جڏهن الله پاڪ چاهيندو ته اسان جنت ۾ ضرور ويندا سين. الله پاڪ جي عطا سان ۽ پياري آقا مديني واري مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي جڏهن اسان جنت ۾ ويندا سين، ته اتي سڀ کان وڏي نعمت الله پاڪ جو ديدار آهي. (بہارِ شريعت،162/1،حصہ:1) اهو به الله پاڪ جي ڪرم سان اسان کي عطا ٿيندو ۽ جيئن الله پاڪ چاهيندو، اسان ائين ان جو ديدار ڪنداسين. ان جي باري ۾ عقل جا گهوڙا ڊوڙائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 181/2)

سوال: ڇا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کان علاوه به ڪنهن الله پاڪ جو ديدار ڪيو آهي؟ جيڪڏهن ڪيو آهي؟ ته ان جو نالو به ٻڌايو.

جواب: جاڳڻ واري حالت ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کان علاوه ڪنهن به الله پاڪ جو ديدار ناهي ڪيو ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کان

علاوه ڪنهن بئي لاءِ دنيا ۾ جاڳندي اکين سان ديدار مُحال آهي. البتہ! خواب ۾ ولينِ سڳورن کي زيارت ٿي سگهي ٿي ۽ ٿي بہ آهي، جيئن حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہِ کي خواب ۾ 100 پيرا الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو (نبراس، ص169) ان شاء الله، اسان سڀئي آخرت ۾ قيامت ۾، ۽ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت جي صدقي، جڏهن جنت ۾ ويندا سين تہ اتي پڻ الله پاڪ جو ديدار ڪنداسين. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 173/8)

سوال: ”الله پاڪ جي دعا سان هي ڪم ٿي ويو“ چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: الله پاڪ جي دعا سان سڀ نيڪ آهي وغيره ۽ اهڙا بيا جملا ماڻهو جهالت سبب استعمال ڪندا آهن، اهڙو جملو چوڻ نہ گهرجي. اسان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا گهرندا آهيون، الله پاڪ ڪنهن کان دعا ناهي گهُرندو، الله پاڪ جي ذات سڀني کان وڏي آهي ۽ سڀني کي اهو ئي ڏيڻ وارو آهي. ماڻهو هڪ ٻئي کي چوندا آهن تہ ”توهان جي دعا سان سڀ نيڪ آهي“ يا ” توهان جي دعا سان فلاڻو ڪم ٿي ويو“. اهڙا جملا چئي سگهجن ٿا، پر اهو چوڻ تہ ”الله پاڪ جي دعا سان هي ڪم ٿي ويو“ صحيح ناهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 232/10)

سوال: الله پاڪ کي دعا ۾ سخي چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: دعا ۽ دعا کان علاوه بہ الله پاڪ کي سخي چوڻ منع آهي. الله پاڪ کي سخي چوڻ بجاءِ ”جواد“ چوڻ گهرجي.(فتاویٰ رضويہ، 165/27) ها، پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سخي چئي سگهو ٿا.

(ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 38/2)

سوال: ”فلاڻو ڪم مان ڪري ڇڏيندس باقي الله مالِڪ آهي“ چوڻ ڪيئن آهي؟ جواب : ائين چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي. ان جو اهو مطلب ناهي تہ جيڪو مان ڪندس، ان جو الله مالِڪ ناهي، بلڪ هي اُن معنيٰ ۾ آهي تہ فلاڻو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش منهنجي طرفان آهي ۽ ان جو مڪمل ٿيڻ الله پاڪ جي طرفان آهي. جيئن تہ اسان چوندا آهيون تہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ اسان جو ڪم آهي ۽ هدايت الله پاڪ ڏيندو. ڇوتہ هر شيءِ جو مالِڪ الله پاڪ آهي، جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي قلم جي باري ۾ چئي تہ ”قلم منهنجو آهي“ تہ ان جو مطلب اهو ناهي هوندو تہ الله پاڪ ان جو مالِڪ ناهي رهيو، بلڪ ان جو حقيقي مالِڪ الله پاڪ ئي آهي ۽ الله پاڪ ان کي عطا ڪيو آهي. انهيءَ طرح هي بہ مُحاوري طور چيو ويندو آهي ”فلاڻو ڪم مان ڪري ڇڏيندس باقي الله مالِڪ آهي“ تنهنڪري اهڙو محاورو چوڻ ۾ ڪو بہ گناهہ يا ڪفر ناهي.

(ملفوظاتِ امیر اہل سنّت،204/1)

سوال: ”الله پاڪ دنيا ۾ ٿيندڙ ظلم کي ڇو نٿو روڪي؟“ چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: هي لفظ اعتراض جا آهن ۽ الله پاڪ تي اعتراض ڪرڻ ڪفر آهي. هي دنيا دارُ الۡعَمَل آهي ۽ هتي ٻانهن جو امتحان آهي، لهٰذا جيڪڏهن ڪو ظلم ڪري بہ رهيو آهي تہ اهو پنهنجي لاءِ دوزخ جو عذاب تيار ڪري رهيو آهي، ۽ جنهن تي ظلم ٿي رهيو آهي، جيڪڏهن اهو صبر ڪري ٿو تہ ان لاءِ جنت جو خزانو آهي. دنيا جي نظام ۾ الله پاڪ جون بيشمار حڪمتون آهن، لهٰذا الله

پاڪ جيڪو ڪجھ ڪيو، اھو صحيح آھي، ۽ ان تي اعتراض ڪرڻ جي ڪا بہ گنجائش ناھي، بلڪ اعتراض جو تصوُّر بہ نہ اچڻ گھُرجي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 504/2)

سوال: ڪنھن چيو تہ ”پائو! ايتريون نيڪيون نہ ڪر جو خدا جو اجر کٽي پئي“ ائين چوڻ ڪيئن آھي؟

جواب: لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللہ، اھو واضح ڪفر آھي. ڪنھن جيتوڻيڪ مذاق ۾ اھو جملو چيو ھوندو، تڏھن بہ مذاق ۾ چيل ڪفر، ڪفر ئي ھوندو آھي. توبہ اَسْتَغْفِرُاللہ، ائين سوچڻ بہ نہ گھُرجي، ۽ مسلمان ائين سوچي بہ نٿو سگھي. يقيناً اھو بُري صحبتن ۽ فلمي ڊائلاگ ٻڌڻ جو نتيجو آھي، جتي اھڙي قسم جون ڳالھيون ٿينديون ھونديون. الله پاڪ ڪرم فرمائي ۽ اسان جو ايمان سلامت رکي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 290/3)

سوال: الله پاڪ سڀ ڪجھ ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو، ڪجھ ماڻھو پوءِ بہ اھو جملو چوندا آھن. ”توھان دعا ڪيو تہ الله پاڪ منھنجي ٻڌي يا دعا قبول ڪري“، ائين چوڻ ڪيئن آھي؟

جواب: الله پاڪ جو ھڪ صفاتي نالو ”سميع“ بہ آھي، جنھن جو مطلب آھي ”ٻڌڻ وارو“. ياد رکو! الله جو ٻڌڻ اسان جي ٻڌڻ جيان ناھي، اسان کي ٻڌڻ لاءِ جسماني ڪنن جي ضرورت آھي، جڏھن تہ الله پاڪ ڪنن کان پاڪ آھي ۽ ھو اسان وانگر جسم ۽ جسمانيت وارو ناھي. جيڪڏھن ڪو ماڻھو الله پاڪ لاءِ جسماني ڪنَ مڃي تہ اھو ڪافر ٿي ويندو. (درمختار، 358/2 ماخوذاً) الله پاڪ پنھنجي شان مطابق ٻڌندو آھي ۽ ڪو باريڪ يعني سنھي کان سنھو آواز ٻڌندو

آهي، ڪو آواز ان ڪان ڳجهو ناهي. لهٰذا ايئن دعا ڪري سگهون ٿا: اي الله پاڪ! منهنجي دعا قبول فرماءِ. (ملفوظاتِ امير اهلِ سنت،222/6)

سوال: الله کي "God" چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: الله پاڪ لاءِ "God" جهڙا لفظ استعمال ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. الله پاڪ جا جيڪي مبارڪ نالا مشهور آهن ۽ جن نالن سان عاشقانِ رسول عالمَ سڳورا الله پاڪ جو ذڪرِ خير ڪندا آهن، اسان کي فقط اُهي ئي نالا استعمال ڪرڻ گهرجن. ۽ "God" وغيره لفظن جو استعمال ڪرڻ کان بچڻ گهرجي. الله پاڪ لاءِ الله، خُدا ۽ پَرَوَرَدِگار جهڙا لفظ استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيتوڻيڪ پَرَوَرَدِگار ۽ خُدا عربي نالا ناهن پر عالمَ سڳورا انهن کي استعمال ڪندا آهن. (ملفوظاتِ امير اهلِ سنت،371/1)

سوال: ڇا الله پاڪ کان سڀ ڪُجهه گهري سگهون ٿا؟

جواب: ها! تمام جائز شيون الله پاڪ کان گهري سگهجن ٿيون. البتہ گناهن جي دعا نٿا ڪري سگهون. (فضائلِ دُعا، ص176) جيئن نعوذ بالله، اها دعا نٿا ڪري سگهون تہ مون کي شراب ڏي. (ملفوظاتِ امير اهلِ سنت،317/6 )

سوال: گهر ۾ ڪو جوان فوت ٿي وڃي تہ ڪڏهن ڪڏهن بي صبريءَ ۾ زبان مان اهڙا لفظ نڪري ويندا آهن جيڪي نڪرڻ نہ گهرجن. ان بابت ڪجهه ارشاد فرمائيندا؟ (2)

---

(2) هي ۽ هن کان اڳيون سوال "شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت" جي طرفان ڪيل آهي ۽ ان جو جواب اميرِ اهلِ سنّت دامت برکاتهم العاليہ جو عطا ڪيل آهي

جواب: گهر ۾ جوان يا ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو موت ٿي وڃي تہ صبر ئي ڪرڻ گهرجي، ان موقعي تي ڪڏهن ڪڏهن زبان مان اهڙا لفظ نڪري ويندا آهن جيڪي نڪرڻ نہ گهرجن. ڪڏهن تہ اهي جملا ڪفريہ بہ هوندا آهن. مثال طور: ڪي ماڻهو هيئن چوندا آهن تہ: ”هن جي مرڻ جي ڪا عمر هئي؟“ ڪجهہ چوندا آهن ”اي الله! توکي هن جي جوانيءَ تي بہ رحم نہ آيو“ ؟ نعوذ بالله! جيڪڏهن ڪنهن اها ڳالهہ ڪئي تہ اهو چوڻ وارو ڪافر ٿي ويو ۽ اسلام مان نڪري ويو ڇو تہ هن الله پاڪ کي بي رحم چيو. يقيناً الله پاڪ بي رحم ناهي. الله پاڪ جيڪو ڪندو آهي، اهو صحيح ڪندو آهي. جڏهن ڪنهن جو وقت پورو ٿي ويندو آهي تہ ان جو انتقال ٿي ويندو آهي. (ملفوظاتِ امير اہل سنّت، 361/1)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن تعزيت ڪرڻ وقت ڪفريہ جملو بڪيو تہ ان جي حمايت ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: ڪفريہ جملي جي حمايت بہ ڪفر آهي. جيڪڏهن غم جي موقعي تي انسان پاڻ ڪفريہ جملو نہ بہ چئي تہ ڪڏهن ڪڏهن تعزيت ڪندڙ چورائي وٺندا آهن. مثلاً: ڪو تعزيت ڪندي چوندو: ”نہ ڄاڻ الله پاڪ کي هن جي ڪهڙي ضرورت پيش آئي جو هن کي جوانيءَ ۾ ئي وٺي ويو؟“ هاڻي ٻڌندڙ بہ اهڙا جملا چوندو تہ ”واقعي شايد ڪا ضرورت پيش آئي هوندي“ يا صرف ها! ها! چئي ان جي حمايت ڪري ڇڏيندو تہ اهڙا جملا چوڻ يا انهن جي حمايت ڪرڻ ٻئي ڪفر آهن. ڇو تہ الله پاڪ کي ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت يا

حاجت ناهي، هو ڪنهن جو محتاج ناهي، بلڪ اسان ان جا محتاج آهيون. جيئن ته الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

وَاللّٰهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ (پ26 محمد: 38)

”الله بي نياز آهي ۽ توهان سڀ محتاج آهيو“.

لهٰذا جيڪڏهن ڪنهن الله پاڪ کي محتاج چيو ته اهو ڪافر ٿي ويو.

## ڪفر بڪڻ سان ايمان ۽ نڪاح ختم ٿي ويندو آهي

جنهن اهڙو ڪفريہ جملو بڪيو، ان جو ايمان ۽ نڪاح ٻئي ختم ٿي ويا جيڪڏهن ڪنهن سمجهڻ جي باوجود ان ڳالهه تي ها ۾ ها ملائي، جيتوڻيڪ زبان سان نہ بلڪ مٿو ئي لوڏيو ۽ دل ۾ ان ڳالهه کي صحيح سمجهيو تہ اهو بہ اسلام مان نڪري ويو. ان کي بہ نئين سر توبہ ڪري ڪلمو پڙهڻو پوندو، ۽ جيڪڏهن شادي شده آهي تہ نڪاح بہ ٻيهر ڪرڻو پوندو جيڪڏهن حج ڪيو هو تہ اهو بہ ختم ٿي ويو، لهٰذا طاقت هجڻ جي صورت ۾ ٻيهر حج ڪرڻو پوندو. باقي سڀ نيڪيون بہ ڪفر جي سبب برباد ٿي وينديون آهن، جيڪڏهن اسلام واري زماني جون قضا نمازون باقي هيون تہ ايمان آڻڻ ڪان پوءِ اهي ادا ڪرڻيون پونديون. (ملفوظاتِ امير اهل سنّت، 363/1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net